- S. P. Gupta. The dawn of civilization, in G. C. Pande (ed.) History of Science, Philosophy and Culture in Indian Civilization ed., D. P. Chattophadhyaya, vol I Part 1) (New Delhi: Centre for Studies in Civilizations, 1999)

سيد حاڪم علي شاهه بخاري

Syed Hakim Ali Shah Bukhari

سنڌ جو ناميارو آرڪيالاجسٽ سيد حاڪم علي شاهه بخاري سنڌ، بلوچستان ۽ خيبر پختون خواهه صوبن ۾ سنڌو سڀيتا سان لاڳاپيل ڪيترن ئي قديم ماڳن جي کوٽائي ڪرائي ۽ ڪيترن ئي ماڳن جو سروي به ڪرايو آهي. پاڻ 15 فيبروري 1938ع ۾ دادو لڳ ڳوٺ غلام چانديو ۾ پيدا ٿيو، 1950ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪري 1957ع ۾ ميٽرڪ ڪيائين. پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي اسڪالرشپ تي 1968ع ۾ پشاور يونيورسٽي مان آرڪيالاجي ۾ پوسٽ گريجوئيٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. حاڪم علي شاهه 1969ع ۾ موهن جو دڙو ميوزم ۾ گيلري اسسٽنٽ مقرر ڪيو ويو. پاڻ قديم آثارن واري کاتي ۾ 29 سال ملازمت بعد 14 فيبروري 1998ع تي رٽائرمينٽ حاصل ڪئي. هن آرڪيالاجي کاتي طرفان 1967ع ۽ 1968ع ۾ خيبر پختون خواهه صوبي ۾ قديم ماڳ اندان جي کوٽائي ڪرائي. جڏهن ته بلوچستان جي قديم ماڳ پيرڪ جي به پيرا 1970ع ۽ 1974ع ۾ کوٽائي ڪرائي. سنڌ ۾ 1973ع ۾ سنڌو ماڙي جي قديم ماڳ جهڪر جي کوٽائي ڪرائي، پاڻ ساڳي ئي سال ۾ سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ هڪ مهيني تائين قديم ماڳن جي چوڪ ۽ چڪاس ڪئي. پاڻ هن وقت سنڌ آرڪائيوز کاتي طرفان آرڪيالاجي شعبي جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر طور ذميواريون نڀائي رهيو آهي.



ڪتاب ۽ مقالا

- Khirthar (English) ENI Pakistan Islamabad as Co-author
- سنڌ جي قديم آثارن جي ڊڪشنري (سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2008- شريڪ ليکڪ)
- Kalhora Period Architecture
  Sindh Archives 2006 Author


توشيڪي اوساڊا

Toshiki OSADA

جپان جو آرڪيالاجي ماهر توشيڪي اوساڊا سنڌو ماٿري تي تحقيق جي حوالي سان هڪ خاص سڃاڻپ رکي ٿو. سندس جنم 1954ع ۾ ٿيو. هن 1991ع ۾ جهارکنڊ انڊيا جي رانچي يونيورسٽي مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس پي ايڇ ڊي جي مقالي جو موضوع ڀارت جي جهارکنڊ ۾ منڊا ٻولي ۽ ثقافت بابت تحقيق هيو. اوساڊا توشيڪي 1992ع کان 2001ع تائين جاپان بابت انٽرنيشنل ريسرچ سينٽر ڪيوٽو جو ريسرچ ايسوسيئيٽ ٿي رهيو. جنهن بعد 2001ع کان 2003ع تائين هن ڪيوٽو يونيورسٽي جي آرٽس ۽ ڊزائن شعبي ۾ پروفيسر طور ذميواريون ادا ڪيون. توشيڪي 1984ع ۾ ڀارت جي جهارکنڊ جي منڊا ثقافت ۽ ٻولي بابت تحقيق ڪئي.



اوساڊا ڪيوٽو يونيورسٽي جي ريسرچ انسٽيٽيوٽ فار هيومنٽي اينڊ نيچر (RIHN) جو پروفيسر ۽ سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪندڙ انڊس پراجيڪٽ جو سربراهه ٿي رهيو آهي. ڪيس 2006ع ۾ جپان جي ڪيوٽو



[3]يونيورسٽي طرفان سنڌو سڀيتا بابت انڊس پراجيڪٽ جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. ان پراجيڪٽ جو مقصد سنڌو ماٿري ۾ ماحولياتي تبديلين بابت تحقيق ڪرڻ هئي. انڊس پراجيڪٽ تحت سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي 5 سال تحقيق بعد 9 جلد ترتيب ڏئي شايع ڪيا ويا. سنڌو ماٿري تي ان قسم جي تفصيلي تحقيق فقط جپان جي ڪيوٽو يونيورسٽي جي انڊس پراجيڪٽ تحت ڪئي وئي. انڊس پراجيڪٽ کان سواءِ به هن سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي کوجنا ڪئي. جنهن بابت سندس ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا شايع ٿيل آهن.

ڪتاب ۽ مقالا

- Toshiki Osada, Indus Civilization: Text and Context, Vol. 1 (2006)
- Toshiki Osada, Indus Civilization: Text and Context, Vol. 2 (2009)
- Toshiki Osada, Linguistics, Archaeology and Human Past in South Asia (2009) Manohar Publishers & Distributors, 2009
- Toshiki Osada (ed.) 2007 Occasional Paper 2: Linguistics, Archaeology and the Human Past.

Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto, Kita-ku, 187pp.

- Toshiki Osada, Akinori Uesugi (ed.) 2008 Occasional Paper 3: Linguistics, Archaeology and the Human Past. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto, Kita-ku, 178pp.
- Toshiki Osada 2007 Reciprocals in Mundari. Vladimir Nedjalkov (ed.) Reciprocal constructions. John Benjamin, Amsterdam/Philadelphia, pp.1575-1590.(reviewed).
- Kharakwal, J.S., Y.S. Rawat, Toshiki Osada 2007 Kanmer: A Harappan site in Kachchh, Gujarat, India.. Toshiki Osada (ed.) Occasional Paper 2: Linguistics, Archaeology and the Human Past.. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto, Kita-ku, pp.21-46.
- Toshiki Osada; Michael Witzel, Cultural relations between the Indus and the Iranian Plateau during the third millennium BCE : Indus Project, Research Institute for Humanities and Nature, June 7-8, 2008, Cambridge : Department of South Asian Studies, Harvard University ; Columbia.

يوٽي فرانڪ ووگٽ

Ute Franke-Vogt

جرمن آرڪيالاجسٽ يوٽي فرانڪ ووگٽ سنڌو سڀيتا جي اهم ماڳ موهن جو دڙو تي تحقيق ڪندڙ ماهرن ۾ شامل رهي آهي. پاڻ جرمني جي شهر ميونخ ۽ برلن ۾ آرڪيالاجي بابت تعليم حاصل ڪئي. سندس تحقيق جا مکيہ موضوع وچ اوڀر ايشيا ۽ ايران جي قديم تهذيب رهي آهي. پاڻ ايران ۽ عراق ۾ قديم ماڳن جي کوٽائي ڪرائي. هن ايم اي جي ڊگري ايران ۾ تخت سليمان اسلامي دور تي تحقيق ڪري حاصل ڪئي. جڏهن تہ سندس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري جو موضوع موهن جو دڙو تان مليل باقيات تي تحقيق هيو.



ووگٽ سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪرڻ لاءِ نہ فقط موهن جو دڙو جي باقيات تي پي ايچ ڊي ڪئي پر پاڻ موهن جو دڙو تي جرمن ريسرچ پراجيڪٽ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ 1981ع ۾ پاڪستان پهتي. هن هتي جرمني

جي آچين يونيورسٽي جي ماهرن سان گڏ موهن جو دڙو پراجيڪٽ تي 1987ع تائين ڪوجنا ڪئي. يوٽي فرانڪ ووگٽ جيئن تہ وچ اوڀر ايشيا جي آرڪيالاجي تي تحقيق ڪري رهي هئي، ان ئي سلسلي ۾ هن سنڌو سڀيتا ۽ ميسوپوٽيما جي تهذيب وچ ۾ واپاري لاڳاپن تي بہ ڪوجنا ڪئي. پاڻ سنڌو سڀيتا تي ٿيل تحقيق کي مختلف ڪتابن ۽ مقالن جي شڪل ۾ شايع ڪرايو.

ڪتاب ۽ مقالا

- Ute Franke-Vogt, The Archaeology of Southeastern Balochistan
- Excavations at Sohr Damb/Nal 2001-04, Baluchistan/Pakistan, 2003
- Tracking the Prehistory of Baluchistan, Las Bela, 2008
- Between Euphrates and Indus: The Arabian Peninsula from 3500–1700 BC, 2011
- The Southern Indus Valley during the later 2nd and 1st millennia B.C.: The Dark Age. 2001
- Ute Franke and Asma Ibrahim, A new perspective of an old site: Reopening excavations at Sohr Damb/Nal (Balochistan), 2005
- Ute Franke, Implications of Radiocarbon Dates from Sohr Damb/Nal, Balochistan, 2007
- Ute Franke-Vogt; European Association of South Asian Archaeologists, South Asian archaeology 2003: proceedings of the seventeenth international

conference of the European Association of South Asian Archaeologists (7 - 11 July 2003, Bonn), Aachen LINDEN SOFT 2005

- Ute Franke-Vogt, Die Glyptik aus Mohenjo-Daro: Uniformitat und Variabilitat in der Induskultur : Untersuchungen zur Typologie, Ikonographie und raumlichen Verteilung (Baghdader Forschungen) (German Edition) (German), 1991

وي ايچ سوناواني

V. H. Sonawane



قديم آثارن جو ماهر ڊاڪٽر وشواسرائو ايچ سوناواني، مهاراجا سائياجيرائو (ايم ايس) يونيورسٽي بروڊا سان لاڳاپيل آهي. پاڻ ان ئي يونيورسٽي مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. بعد ۾ ان ئي اداري ۾ آرڪيالاجي ۽ قديم تاريخ ۽ ثقافت جي شعبي ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. پاڻ گذريل 36 سالن کان قديم تاريخ، آرڪيالاجي ۽ ثقافت تي تحقيق ڪري رهيو آهي. سوناواني 15 کان وڌيڪ ملڪي ۽ بين الاقوامي سوسائٽين ۽ ايسوسيئيشنن جو ميمبر ۽ عهديدار به آهي. جن ۾ سوسائٽي آف سائوٿ ايشين آرڪيالاجي جو نائب صدر، راڪ آرٽ سوسائٽي انڊيا جو ميمبر، ميرائن آرڪيالاجيڪل سينٽر جو ميمبر آهي. هن گجرات ۾ سنڌو سڀيتا جي شهري تمدن سان لاڳاپيل ماڳن سميت پٿر تي به تحقيق ڪئي آهي ۽ ڪيترن ئي ماڳن جي کوٽائي ۾ به ڀرو ورتو آهي. سندس پٿر دور جي ماڳن تي تحقيق کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي. پروفيسر سوناواني سنڌو سڀيتا بابت 100 کان وڌيڪ ملڪي ۽ عالمي ڪانفرنسن ۾ به شرڪت ڪري چڪو آهي.

كتاب ۽ مقالا

- V. H. Sonawane, Chandravati: A Report on Explorations Conducted in March 1978. The M. S. University Archaeological Series No. 16, Baroda-1980. (with R. N. Mehta, R. C. Agrawal and V. S. Parekh).
- V. H. Sonawane, Excavation at Nageswar, Gujarat, A Harappan Shell working site on the Gulf of Kutch. The M. S. University Archaeological series, No. 18. Baroda - 1990 (with K.T.M. Hegde, K.K. Bhan, K. Krishnan and D.R. Shah).
- V. H. Sonawane, Kuntasi - A Harappan Emporium on West Coast, by M.K. Dhavalikar, M.H. Rawal and Y.M. Chitalwala, Deccan College, Pune, 1996, Published in Man and Environment, Vol. 21 (2) 1996, pp.91-92.
- V. H. Sonawane, Historical Archaeology of India, by M.K. Dhavalikar, Books and Books, New Delhi, 1999, Published in Man and Environment, Vol. 26 (1), 2001, pp. 128-129.
- V. H. Sonawane, Bronze and Iron Ages in South Asia- by D.P. Agrawal and J.S. Kharakwal. Published in Man and Environment. Vol-29 (I), 2004. Pp. 111-113.
- V. H. Sonawane, Explorations in the Daskroi Taluka, District Ahmedabad. Journal of the M.S. University of Baroda (Humanities), Vol. XIX (1), 1970, pp. 7-14 (with R.N. Mehta).

- V. H. Sonawane, Explorations in the Panchmahals District, Journal of the M.S. University of Baroda (Humanities), Vol. XX-XXI (1), 1971, pp. 53-56.
- V. H. Sonawane, Mandavi Step-well Inscription at Champaner - Samvat 1554, Shaka 1419, Journal of the Oriental Institute, Baroda, Vol. XXI, No. 3, March 1972. pp. 224-227.
- V. H. Sonawane, Tarsang an Important Archaeological Site, Journal of the M.S. University of Baroda (Humanities), Vol. XXIII (1), 1973-74, pp. 57-60.
- V. H. Sonawane, Jain Sculptures from Panchmahals, Journal of the M.S. University of Baroda (Humanities), Vol. XXIV (1), 1975, pp. 37-40.
- V. H. Sonawane, Explorations in the Panchmahals District, in Archaeological Congress and Seminar: 1972, Ed. U.V. Singh, Kurukshetra, 1979, pp. 110-112.
- V. H. Sonawane, Prehistoric Remains from Nathkuva Taluka Halol, District Panchmahals, Archaeological Studies, Mysore, Vol. III, 1978, pp. 91-94 (with R.N. Mehta).
- V. H. Sonawane, Matruka Sculptures from Mataria and Ardhanarishwara from Tarsang, (Panchmahals), Journal of the Indian Society of Oriental Art, New series, Calcutta. Vol. IX, 1977-78, pp. 42-49. (Dr. Moti Chandra Com. Vol. Part II).
- V. H. Sonawane, Archaeology of Panchmahals, Journal of the M.S. University of Baroda

(Humanities), Vol. XXVII-XXVIII (1), 1978-79, pp. 115-121.

- V. H. Sonawane, Rotary Quern Mining Industry at Kakachia, Dist. Panchmahals, Gujarat, Puratattva, Vol. 1, 1979-80, pp. 149-50.
- V. H. Sonawane, A Prehistoric Engraving, Man and Environment, Vol. V, 1981, p. 91 (with R.N. Mehta).
- V. H. Sonawane, Some More Sculptures from Kaleshvari, Prachya Pratibha, Vol. IX-X, Bhopal, 1981-82, pp. 55-62.
- V. H. Sonawane, Rock Paintings at Tarsang, Gujarat, Journal of the Oriental Institute, Vol. XXXI (3), Baroda, 1982, pp. 293-299.
- V. H. Sonawane, Tarsang A First Excavated Mesolithic Rock-Shelter of Gujarat, in Indian Archaeology New Perspective, Ed. R.K. Sharma, 1982, pp. 59-64, Delhi: Agam Kala Prakashan.
- V. H. Sonawane, The Microlithic Industry of Tarsang, Gujarat, Man and Environment, Vol. VII, 1983, pp.31-38.
- V. H. Sonawane, Prehistoric Cultures of the Panchmahals, Gujarat, Man and Environment, Vol. VII, 1984, pp. 20-30.
- V. H. Sonawane, Excavation of Zinc Distillation Furnaces at Zawar, Abstracts 1984, Symposium on Archaeometry, Smithsonian Institute, Washington D.C., 1984 (with K.T.M. Hegde and P.T. Craddock).

- V. H. Sonawane, An Important Evidence to Date Rock-Paintings of Mesolithic Period, in Rock-Art of India, Ed. K.K. Chakravarty, 1984, pp. 61-63, New Delhi: Arnold-Heinemann.
- V. H. Sonawane, Excavation at Nageswar-1984 - A Preliminary Report, Journal of the M.S. University of Baroda, (Humanities), Vol. XXXIII-XXXIV, 1984-85, pp. 3-20 (with K.T.M. Hegde & K.K. Bhan).
- V. H. Sonawane, Vagad - A Rural Harappan Settlement in Gujarat, Man and Environment, Vol. IX, 1985, pp. 38-44 (with R.N. Mehta)
- V. H. Sonawane, Early Zinc Production in India, Mining Magazine, London, January 1985, pp. 45-52. (with P.T. Craddock, K.T.M. Hegde and others).
- V. H. Sonawane, Two Rare Sculptures of Gajendramoksa from Gujarat, Journal of the Oriental Institute, Baroda, Vol. XXXV, Nos. 1-2, 1985, pp.127-130.
- V. H. Sonawane, Landscape and Settlement Pattern of Harappa Culture Villages in the Rupen Estuary, Man and Environment, Vol. X, 1986, pp.23-31. (with K.T.M. Hegde).

وريندرا ناٿ مسرا

V. N. Misra




ڀارتي آرڪيالاجسٽ وريندرا ناٿ مسرا (وي اين مسرا) سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪندڙ آرڪيالاجسٽن جي سٽ جو ساٿي رهيو آهي. پاڻ اتر پرديش جي ضلعي فرخ آباد جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪانڊولي ۾ 9 جنوري 1935ع تي جنم ورتو ۽ 31 آڪٽوبر 2015ع ۾ وفات ڪري ويو. پاڻ لکنو يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد دڪن ڪاليج ۾ ملازمت حاصل ڪئي، بعد ۾ آرڪيالاجي جي شعبي ۾ پوني يونيورسٽي مان گريجوئيشن جي ڊگري ورتي. پاڻ قديم تاريخ ۽ ايٿنو آرڪيالاجي ۾ ماهر تصور ڪيو ويندو هو. هن راجستان، مڌيا پرديش ۽ مهاراشٽرا ۾ سنڌو سڀيتا جي قديم ماڳن تي تحقيق ڪئي ۽ ڪيترن ئي قديم ماڳن جي کوٽائي به ڪرائي.

ڪتاب ۽ مقالا

- V. N. Misra and M. S. Mate (eds.). Indian Prehistory: 1964. Pune: Deccan College. 1965.

- V. N. Misra. Pre and Proto-history of the Berach Basin, South Rajasthan. Poona : Deccan College. 1965.



- J. R. Lukacs, V. N. Misra, and K. A. R. Kennedy. Bagor and Tilwara: Late Mesolithic Cultures of Northwest India. Vol. I: The Human Skeletal Remains. Poona: Deccan College. 1967.
- V. N. Misra, Y. Mathpal and M. Nagar. Prehistoric Man and his Art at Bhimbetka, Central India. Poona. 1978.
- V. N. Misra and Peter Bellwood (eds.). Recent Advances in Indo-Pacific Prehistory. Delhi: Oxford-IBH. 1985.
- V. N. Misra (ed.) Indus Civilization, a special Number of the Eastern Anthropologist. Lucknow: Ethnographic & Folk Culture Society. 1992.
- V. N. Misra and A. K. Kanungo (eds). Dr. Swarajya Prakash Gupta: An Academic and Human Profile. Indian Society for Prehistoric and Quaternary Studies. 2009.

وسنت شيورام شاندي

Vasant Shivram Shinde



ڀارت ۾ سنڌو سڀيتا تي تحقيق ڪندڙ ڊاڪٽر وسنت شيورام شاندي جو جنم 15 جون 1956ع تي ٿيو. پاڻ آڪٽوبر 2013ع کان دڪن ڪاليج پوسٽ گريجوئيٽ ۽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ جو وائيس چانسيلر ۽ اپريل 2003ع کان آرڪيالاجي شعبي جو پروفيسر آهي. شاندي پونا يونيورسٽي مان تاريخ ۾ بي اي آنرس ڪرڻ بعد ساڳي يونيورسٽي مان انڊيا جي آرڪيالاجي، قديم تاريخ ۽ ثقافت تي ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي. جنهن بعد هن ساڳي يونيورسٽي مان آرڪيالاجي تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ گجراتي، ميراٺي، هندي ۽ انگريزي ٻوليون ڄاڻندو آهي. وسنت شاندي آڪٽوبر 2000ع کان اپريل 2001ع تائين انٽرنيشنل ريسرچ سينٽر ڪيوٽو جاپان جو به وزيٽنگ پروفيسر رهيو. جڏهن ته جاپان جي ريسرچ انسٽيٽيوٽ فار هيومنٽي اينڊ نيچر ۾ به وزيٽنگ پروفيسر طور ذميواريون نڀايون. پاڻ گذريل 36 سالن کان آرڪيالاجي جي شعبي ۾ تحقيق سان سلهاڙيل آهي. ڪيس ڏکڻ ايشيا جي قديم تاريخ ۽ فيلڊ آرڪيالاجي تي مهارت حاصل آهي.

شاندي سنڌو سڀيتا جي ڪيترن ئي ماڳن کي دريافت ڪيو ۽ انهن جي کوٽائي ۾ به ڀرپور ورتو آهي، جن ۾ راجستان، ڪڇ، گجرات، دکن ۽ مهاراشٽريا جا قديم ماڳ شامل آهن. سنڌو سڀيتا تي تحقيق جي

سلسلي ۾ گهاگهر سرسوتي ندي جي ڪنارن تي قديم ماڳن جي دريافت ۽ کوٽائي سندس اهم ڪاميابين ۾ شامل آهي. وسنت شاندي ڪيترن ئي ملڪي ۽ بين الاقوامي ادارن ۽ سوسائٽين جو بہ ميمبر آهي. پاڻ انڊين سائنس ڪانگريس، ورلڊ آرڪيالاجيڪل ڪانگريس جو ميمبر ۽ سوسائٽي آف سائوٿ ايشين آرڪيالاجي ۽ انڊين آرڪيالاجيڪل سوسائٽي جو بہ تاحيات ميمبر آهي.

ڪتاب ۽ مقالا

- Excavations at Kaothe. (with M.K. Dhavalikar and S. Atre) Deccan College Research Institute, Pune. 1990
- Early Farming Community in the Central Tapi Basin (Study of Settlement and Subsistence Patterns), Munshiram Manoharlal Publishers, New Delhi. 1998.
- A Report on the Excavations at Farmana (2007-08): A Harappan site in the Ghaggar Basin. Research Institute for Humanity and Nature, Kyoto, Japan. 2008.
- Harappan Necropolis at Farmana in the Ghaggar Basin, New Delhi: Indian Archaeological Society. 2009-2010.
- Heritage sites in Gujarat: A Gazetteer, (with Shweta Sinha Deshpande and Sanjay Deshpande) Aryan International Books, New Delhi. 2011.

- Excavations at Farmana, District Rohtak, Haryana, India 2006-2008. Kyoto: Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Japan. 2011.
- Excavations at Girawad, District Rohtak, Haryana, India 2006. Kyoto: Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature, Japan. 2011.
- Excavations at Gilund: The Artifacts and Other Studies. University of Pennsylvania Museum of Archaeology and Anthropology, Philadelphia, USA. 2014.
- Chalcolithic South Asia: Aspects of Crafts and Technologies, Infinity Foundation, USA.

Monograph:

- Chalcolithic Mewar and its interaction with the Harappans", Professor R. P. Vyas Memorial Lecture Series-II organized by Mahila P. G. Mahavidhyalaya, Kamala Nehru, Soorsagar Road, Jodhapur-342009 on 25th July 2015.

وينا مشرف ترپاٺي

Veena Mushrif Tripathy



وينا مشرف ترپاٺي دکن ڪاليج پوني جي آرڪيالاجي شعبي جي اسسٽنٽ پروفيسر آهي. پاڻ 12 جولاءِ 1975ع تي جنم ورتو. هن تاريخ جي مضمون ۾ بي اي ڪرڻ بعد انڊيا جي قديم تاريخ، ثقافت ۽ آرڪيالاجي ۾ ايم اي ڪئي. جنهن بعد ساڳي شعبي ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي 16 سالن کان تحقيق ڪري رهي آهي. قديم تهذيبن جي کوٽائين مان هٿ آيل انساني ڍانچن جي نسلي جائزي ۽ منجهن موجود بيمارين بابت تحقيق سندس خاص شعبو آهي. پاڻ 2011ع ۾ پارت جي هرياڻه رياست جي قديم ماڳ فرمانا جي بائيو اينٿروپلاجيڪل پراجيڪٽ تي به شريڪ محقق طور ڪم ڪيو. ان کان اڳ 2010ع ۾ ڪالي بنگن ۽ هڙاپا جي قديم ماڳن تان مليل انساني ڍانچن تي به تحقيق ڪئي، ان تحقيق جو مقصد سنڌو سڀيتا

جي دور ۾ ان وقت جي ماڻهن جو نسلي جائزو ۽ منجهن موجود بيمارين جو سائنسي بنياد تي پتو لڳائڻ هو. وينا مشرف ترپاٺي هرياڻ، گجرات ۽ پاڪستان ۾ سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي قديم ماڳن تي تحقيق ڪري آهي. پاڻ ڪيترن ئي تحقيقي ڪتابن ۽ مقالن جي مصنف آهي.


ڪتاب ۽ مقالا

- Shantanu Ozarkar and Veena Mushrif-Tripathy, Population affinities of Parsis in the Indian subcontinent, Wiley Online Library, Jan 1, 2011.
- Veena Mushrif-Tripathy, Human Skeletal Studies in India: A Review, SpringerBriefs in Archaeology, 2014.
- Erik R Otárola-Castillo, Benjamin Valentine, George Kamenov, and Veena Mushrif-Tripathy, Evidence for Patterns of Selective Urban Migration in the Greater Indus Valley (2600-1900 BC): A Lead and Strontium Isotope Mortuary Analysis, PLOS ONE, 2015.
- Veena Mushrif-Tripathy, Osteological Study of a Human Skeleton Excavated from Vaharvo Timbo, District Patan, Gujarat.
- Veena Mushrif-Tripathy and Roopashree Talanki, A Study on Human Skeletal Remains from Porunthal, Tamil Nadu.
- Veena Mushrif-Tripathy, Harappan Interments at Rakhigarhi, Haryana.


- Veena Mushrif-Tripathy, LIVING WITH FLOODS Archaeology of a Settlement in the Lower Ganga Plains, c.600-1800 CE.
- Veena Mushrif-Tripathy, Maxillary Sinusitis from India: A Bio-cultural Approach.
- Veena Mushrif-Tripathy and Subhash Walimbe, A Companion to South Asia in the Past.
- Gwen Robbins Schug, Veena Mushrif-Tripathy, Dr. A.R. Sankhyan, and Kelsey Gray, A Peaceful Realm? Trauma and social differentiation at Harappa.
- Veena Mushrif-Tripathy and Sutapa Lahiri, Where are they now? Human Skeletal Remains in India.

والٽر فيئرسروس

Walter A. Fairservis. jr



ڊاڪٽر والٽر ايشلين فيئرسروس ڪي قديم دور جي تهذيبن جي اوسر ۽ زوال بابت اثارثي تصور ڪيو ويندو آهي. سندس جنم 1921ع ۾ آمريڪا جي شهر بروڪلن ۾ ٿيو ۽ پاڻ 12 جولاءِ 1994ع تي 74 سالن جي ڄمار ۾ شيرون ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. پاڻ ڪولمبيا يونيورسٽي مان اينٿروپلاجي ۾ بي اي ۽ ايم اي جون ڊگريون حاصل ڪيون ۽ هارورڊ يونيورسٽي مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ تعليم حاصل ڪرڻ بعد شروع ۾ 1941ع تائين آمريڪن ميوزم آف نيچرل هسٽري سان لاڳاپيل رهيو. بعد ۾ ڪيس پهريون ڀيرو 1949ع ۾ آمريڪا جي آرڪيالاجيڪل مشن هيٺ افغانستان



موڪليو ويو. پاڻ 1960ع ۾ پاڪستان ۾ آيو ۽ هتي سنڌو ماٿري جي سڀيتا سميت ڪيترن ئي آرڪيالاجي جي پروجيڪٽن سان لاڳاپيل رهيو. سنڌو سڀيتا جي لکت کي پڙهڻ جي به ڪوشش ڪئي ۽ ان موضوع تي جامع ڪتاب تحرير ڪيو.

فيئرسروس ڪيترن ئي ادارن سان لاڳاپيل رهيو. جن ۾ هارورڊ يونيورسٽي جو پيباڊي ميوزم، پينسلوينيا يونيورسٽي جو ميوزم ۽ ٿامس برڪي ميمورل واشنگٽن اسٽيٽ ميوزم شامل آهن. 1969ع ۾ پاڻ واسر ڪاليج جي اينٿروپلاجي ڊپارٽمينٽ جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. جتي پاڻ 1969ع کان 1993ع تائين فرض سرانجام ڏيندو رهيو. پاڻ ساڳي ڪاليج ۾ ايشيا بابت اڀياس جو مرڪز قائم ڪري پاڻ ان جي دائريڪٽر طور ذميواريون نڀايون. هن سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي ماڳ الهه ڏنو سميت ڪيترن ئي قديم ماڳن جي کوٽائي به ڪرائي. بلوچستان ۾ به سنڌو سڀيتا جي ماڳن تي کوجنا ڪئي. سنڌو سڀيتا تي سندس ڪتابن ڪافي مقبوليت ماڻي ۽ نه صرف بحث جو موضوع بڻيل رهيا، پر سنڌو سڀيتا تي بعد ۾ کوجنا ڪندڙن لاءِ مددگار ثابت ٿيا.

ڪتاب ۽ مقالا

- The Roots of Ancient India (1969).

- The Ancient Kingdoms of the Nile and the Doomed Monuments of Nubia (1962).
- Cave Paintings of the Great Hunters (1959).
- The Harrapan Civilization and Its Writing: A Model for the Decipherment of the Indus Script (1992).
- The Archaeology of the Southern Gobi -- Mongolia (1993)
- Excavations at the Harappan site of Allahdino: the seals and other inscribed material (1976).
- South Asian Archaeology Studies (1993).

وليم بيلچر

William Belcher



آمريڪي آرڪيالاجسٽ وليم بيچلر پنهنجي شاگردي واري دور ۾ ئي قديم آثارن جي علم ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. پاڻ پهريون گريجوئيٽ شاگرد هيو، جيڪو هڙاپا آرڪيالاجيڪل پراجيڪٽ جو حصو بڻيو. بيچلر ويسٽرن واشنگٽن يونيورسٽي مان اينٿروپلاجي ۾ بي اي ۽ ايم اي جي ڊگري ورتي. جڏهن ته ايم ايس جي ڊگري ميرائين يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. هن پي ايچ ڊي جي ڊگري وسڪونسن ميڊسن يونيورسٽي مان ڊاڪٽر جي ايم ڪينوائر جي رهبري هيٺ حاصل ڪئي. پاڻ هن وقت اولهه اوهيو جي هوائي يونيورسٽي ۾ آرڪيالاجي جو اسسٽنٽ پروفيسر آهي. هن سنڌو ماٿري جي سڀيتا تي ڪافي تحقيق ڪئي آهي. سندس تحقيق جو موضوع سنڌو سڀيتا جي معيشت ۽ واپار رهيو آهي. سندس سنڌو سڀيتا تي هينيان تحقيقي ڪتاب ۽ مقالا لکيل آهن.

ڪتاب ۽ مقالا

- Belcher, W.R. The Ethnoarchaeology of a Baluch Fishing Village. In Archaeology of Seafaring: The Indian Ocean in the Ancient Period, edited by Himanshu Prabha Ray, Indian Council of Historical Research and Pragati Publications, Delhi, India. 1999
- Belcher, W.R. 1998. University of Wisconsin-Madison: USA, Ph.D. in Anthropology. Ph.D. Dissertation: Fish Exploitation of the Baluchistan and Indus Valley Traditions: an Ethnoarchaeological Approach to the Study of Fish Remains.
- Belcher, W.R. 1997. Marine and riverine resource use during the Indus Valley Tradition: a preliminary comparison of fish remains from Balakot and Harappa. In South Asian Archaeology 1995, edited by B. Allchin and F.R. Allchin. Oxford and IBH Publishers, Pvt. Ltd. New Delhi, India.
- Belcher, W.R. 1994. Riverine fisheries and habitat exploitation of the Indus Valley Tradition: an example from Harappa, Pakistan. In: A. Parpola and P. Koskikallio (eds.), South Asian Archaeology 1993. Annales Academiae Scientiarum Fennicae, Series B, Vol. 271. Suomalainen Tiedeakatemia, Helsinki, Finland
- Belcher, W.R. 1994. Multiple approaches to the reconstruction of fishing technology: net-making and the Indus Valley Tradition. In From Sumer to Melluha: Contributions to the Archaeology of West and South Asia in Memory of George F. Dales, edited J.M. Kenoyer, pp.129-140. Wisconsin Archaeological Reports 3. Madison, Wisconsin, USA.

- Belcher, W.R. 1994. Butchery practices and the ethnoarchaeology of South Asian fisherfolk. Fish Exploitation in the Past, edited by W. Van Neer, pp. 169-176. Annales du Musee Royal de l'Afrique Centrale, Sciences Zoologiques No. 274. Tervuren, Belgium.
- Belcher, W.R. 1993. Riverine and marine fish resource utilization of the Indus Valley Tradition. Journal of the Pakistan Archaeologists Forum 2:1&2:241-279. Karachi, Pakistan.
- Belcher, W.R. 1991. Fish resources in an early urban context at Harappa. In Harappa Excavations 1986-1990: a Multidisciplinary Approach to Third Millennium Urbanism, edited by R. Meadow, pp. 107-120. Prehistory Press, Madison, Wisconsin, USA.

ياما ڊڪشٽ

Yama Dixit



پارتي آرڪيالاجي جي ماهر ياما ڊڪشٽ سنڌو سڀيتا جي پوئتي پوڻ جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ ڪافي تحقيق ڪئي ۽ ان نتيجي تي پهتي ته موسمي تبديليون هن تهذيب جي پوئتي پوڻ يا ڊرڪڻ جو اهم سبب هيون. ياما ڊڪشٽ سينٽ جان ڪاليج مان پڙهائي ڪرڻ بعد دهلي يونيورسٽي مان ڪيمسٽري ۾ گريجوئيشن ڪئي. جنهن بعد 2009ع ۾ جواهر لال يونيورسٽي مان ماحوليات جي شعبي ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪئي. ياما سنڌو سڀيتا جي پوئتي پوڻ جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ جي موضوع تي ڪيمبرج يونيورسٽي مان 2012ع ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ پروفيسر ڊيوڊ هوڊيل جي سربراهي هيٺ پنهنجي ٿيسز مڪمل ڪئي. ارٿ سائنس، قديم دور ۾ ماحولياتي تبديليون، جيو ڪيمسٽري ۽ ساموندي آرڪيالاجي سندس تحقيق جا اهم موضوع آهن. پاڻ آمريڪن جيو فزيڪل يونين، انٽرنيشنل ايسوسيئيشن آف سيڊيمينٽولاجسٽ ۽ پارت ۾ ڪيمبرج فرينڊس ٽرسٽ جي ميمبر آهي. هن پروفيسر ڊيوڊ هوڊيل، ڪيمرون پيٽرياءِ ۽ راجيو سنها سان بہ گڏ ڪيترائي مقالا ۽ ڪتاب تحرير ڪيا آهن.

كتاب ء مقالا

- Y Dixit, Holocene monsoon variability inferred from paleolake sediments in Northwestern India, University of Cambridge, 2013
- Yama Dixit, David A Hodell, Cameron A Petrie, Abrupt weakening of the summer monsoon in northwest India~ 4100 yr ago, Journal: Geology, Geological Society of America, Volume:42, Issue: 4, 2014
- Yama Dixit, David A Hodell, Rajiv Sinha, Cameron A Petrie, Abrupt weakening of the Indian summer monsoon at 8.2 kyr BP, Journal: Earth and Planetary Science Letters, Volume: 391, Elsevier, 2014
- Y Dixit, DA Hodell, R Sinha, CA Petrie, Oxygen isotope analysis of multiple, single ostracod valves as a proxy for combined variability in seasonal temperature and lake water oxygen isotopes, Journal of Paleolimnology 53 (1), 35-45, 2015
- DA Hodell, Y Dixit, CA Petrie, Abrupt climate change and the decline of Indus urbanism, AGU Fall Meeting Abstracts 1, 03, 2012
- Y Dixit, DA Hodell, CA Petrie, Holocene monsoon variability inferred from palaeolake sediments in NW India. EGU General Assembly Conference Abstracts 14, 927, 2012

- Y Dixit, DA Hodell, C Petrie, A Holocene climate record from palaeolakes in NW India, AGU Fall Meeting Abstracts 1, 1748, 2011
- Y Dixit, Stable isotope geochemistry from Palaeo-lake Riwasa for Holocene Palaeoclimate history of NW India, Congrès des doctorants Abstracts, 1, 2011
- Y Dixit, AD Hodell, A Climate Record from Riwasa Lake, Haryana, India; The Results of Carbon and Oxygen Stable Isotope Analysis, European Association for South Asian Archaeology and Art (EASAA) Conference , 2010

يوري ڪنوروزوف

Yuri Valentinovich Knorozov

سنڌو ماٿري جي سڀيتا جي ٻولي ۽ لکت تي روسي ماهرن بہ ڪافي تحقيق ڪئي آهي. انهن ماهرن ۾ يوري ڪنوروزوف جو نالو پڻ سر فهرست آهي. روسي ماهر يوري ڪنوروزوف 19 نومبر 1922ع تي يوڪرين جي شهر ڪارڪف لڳ هڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو ۽ 31 مارچ 1999ع تي سينٽ پيٽرسبرگ ۾ وفات ڪري ويو. پاڻ 1940ع ۾ ماسڪو ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ماسڪو جي اسٽيٽ يونيورسٽي جي ايٿونالاجي ڊپارٽمينٽ مان تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ هن مصر ۽ عراق جي تهذيبن تي مهارت حاصل ڪئي.



هن روسي ماهر قديم عراق جي تهذيب ميسوپوٽيما جي مايا لکت کي پڙهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. ڪنوروزوف سنڌو لکت تي تحقيق دوران تامل ماهرن جي ويجهڙائپ سبب سندن اثر قبول ڪندي، سنڌو لکت کي دراوڙي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪافي وقت اڳ سنڌو لکت کي سمجهڻ decipherment جي دعوائ ڪئي، پر سنڌو لکت تي تحقيق ڪندڙ دنيا جي ٻين ماهرن سندس دعوائ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ سندس سنڌو لکت کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ واري دعوائ کي بہ

مشڪوڪ قرار ڏئي ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ ڪنوروزوف اهڙا ڪي بہ نتيجا ڏئي نہ سگهيو، جنهن سان اهو ثابت ٿئي تہ هن واقعي سنڌو لکت کي پڙهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

هن روسي ماهر بہ ماضي جي ماهرن وانگر اها غلطي ورجائي تہ سنڌو لکت کي سنڌو ماٿري وارين سرحدن اندر ڳولڻ جي ڪوشش بدران ان کي هزارين ميل پري تامل ناڊو ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. پاڻ تامل ٻولي ماهرن جي اثر هيٺ تحقيق کي تعصب جي ور چاڙهي ڇڏيو. جنهن سبب سندس نتيجا قابل قبول قرار نہ ڏنا ويا. سنڌو ماٿري جي اصل رهواسين ڏانهن سندس تعصب جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ سنڌو لکت تي تحقيق دوران اهڙي ٻولي استعمال ڪئي، جيڪا ڪنهن محقق لاءِ نہ پئي سونهين. يوري ڪنوروزوف پنهنجي تحقيق دوارن فرمائي ٿو تہ ” انڊيا ۽ پاڪستان ۾ ڪيترائي ماهر اها دعويٰ ڪري رهيا آهن تہ سنڌو ماٿري جي سڀيتا سندن پنهنجي تهذيب آهي. ٻنهي طرفن کان ڪجهہ اڻ ڄاڻ ماڻهو ان تهذيب جي سنڌي سڀيتا هجڻ جي دعويٰ ڪن ٿا. پر روسي محقق ان تصور جي سختي سان حمايت ڪن ٿا تہ سنڌو سڀيتا جي ٻولي ۽ لکت پنهنجي ماهيت ۾ دراوڙي هئي.“ ڪنوروزوف سنڌو لکت تي اها تحقيق هڪ ٻئي روسي ماهر ۽ انڊولاجسٽ نڪيتا گروف Nikita Gurov سان گڏجي ڪئي. هنن ٻنهي ماهرن جي راءِ هئي تہ سنڌو سڀيتا جي ٻولي آڳاٽي دراوڙي ٻولي هئي ۽ سنڌو لکت جي براهمي لکت سان ويجهڙائپ هئي. ڪنوروزوف سنڌو لکت تي پنهنجي آخري پساهہ يعني 1975ع تائين تحقيق ڪندو رهيو. سنڌو لکت تي تحقيق ڪندڙ ٻين روسي ماهرن ۾ اليگزينڊر ڪندراتوف Alexandr Kondratov بہ شامل هيو.

ڪتاب ۽ مقالا

- Protoindiyskie nadpisi (k probleme deshifrovki)". Sovetskaya Etnografiya 5 (2): 47–71. 1981. (on the Harappan script of the Indus Valley civilization)
- Knorozov, Proto-Indica, 1979: Report on the investigation of the Proto-Indian texts, "Nauka" Publishing House, Central Dept. of Oriental Literature (1981)
- Yuri Knorozov (ed.), ed. (1965). Predvaritel’noe soobshchenie ob issledovanii protoindiyskih tekstov. Moscow: Institut Etnografii, Akademiya Nauk SSSR. (Collated results of a research team under Knorozov investigating the Harappan script, with the use of computers)
- Tatiana Proskouriakoff (Ed.), ed. (1967). "The Writing of the Maya Indians". Russian Translation Series 4. Sophie Coe (trans.). Cambridge MA.: Peabody Museum of Archaeology and Ethnology.
- A brief summary of the studies of the ancient Maya hieroglyphic writing in the Soviet Union". Reports of the Soviet Delegations at the 10th International Congress of Historical Science in Rome ((Authorized English translation) ed.). Moscow: Akademiya Nauk SSSR. 1955.
- Drevnyaya pis’mennost’ Tsentral’noy Ameriki. (Ancient Writings of Central America)". Sovetskaya Etnografiya 3 (2): 100–118. 1952.
- Pis'mennost' drevnih mayya. (Written Language of the Ancient Maya)". Sovetskaya Etnografiya 1: 94–125. 1955.

- New data on the Maya written language". Journal de la Société des Américanistes de Paris 45: 209–217. 1956.doi:10.3406/jsa.1956.961.
- Problem of deciphering Mayan writing". Diogènes (Montreal) 40: 122–128. 1962. doi:10.1177/039219216201004007.
- Machine decipherment of Maya script". Soviet Anthropology and Archeology 1 (3): 43–50. 1963. doi:10.2753/aae1061-1959010343.
- Pis'mennost' Indeytsev Mayya. Moscow-Leningrad: Institut Etnografii, Akademiya Nauk SSSR. 1963.
- Ieroglificheskie Rukopisi Mayya. Leningrad: Institut Etnografii, Akademiya Nauk SSSR. 1975.
- Maya Hieroglyphic Codices. Sophie Coe (trans.). Albany NY.: Institute for Mesoamerican Studies. 1982.

Ruk Sindhi

رڪ سنڌي



سنڌ جو مشهور ليکڪ رڪ سنڌي 5 آگسٽ 1961ع تي تعلقي ڪنڊياري ضلع نواب شاهه جي ڳوٺ حامد اچڻ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. پاڻ روزاني سنڌ سجاڳ جي ايڊيٽر ۽ روزاني جاڳو ڪراچي جي ايڊيٽر ۽ پبلشر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. جڏهن ته روزاني عوامي آواز ڪراچي، روزاني سچ ڪراچي، روزاني سوڀ ڪراچي، روزاني تعمير سنڌ ڪراچي، روزاني سنڌ حيدرآباد ۾ نيوز ايڊيٽر ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ مختلف صحافتي تنظيمن ۾ شامل رهيو آهي. رڪ سنڌي سنڌ جي حقن خاطر مختلف قومپرست ۽ ترقي پسند تنظيمن ۾ به سرگرم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هو گذريل 20 سالن کان سنڌ جي قديم تاريخ تي تحقيق ڪري رهيو آهي. پاڻ ادب، سياست ۽ صحافت سان لاڳاپيل هجڻ سميت ڪيترن ئي ڪتابن جو خالق رهيو آهي. جن ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جڏهن ته سندس سوين مقالا ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. رڪ سنڌي جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي“، ”ٽوڙي ڦاٽڪ جو سانحو“، ”سنڌي قوم

جو مقدمو“، ”سنڌ جي سياسي صورتحال“، ”سنڌ آزادي ۽ انقلاب“، ”تاريخ جي لاٽ“، ”قاضي فيض محمد“، ”سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد“، ”اڄ جي سنڌ“ ۽ ”سنڌو سڀيتا جي اوسر“ ڪتاب ڳڻائي سگهجن ٿا. رڳ سنڌي ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا آهن. جن ۾ بينظير ڀٽو جو ڪتاب ”پاڪستان طوفان جي گهيري ۾“ به هڪ آهي. جڏهن ته ڪيئي ڪتاب مرتب به ڪيا آهن. جن ۾ ”باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي“، ”سنڌي ٻولي رت رتولي“ ۽ ٻيا شامل آهن.

ڪتاب

1. سنڌو سڀيتا جي اوسر (تاريخ، تحقيق)
2. سنڌو سڀيتا جا محقق (سوانح، تحقيق)
3. قومون ۽ قومي تحريڪ آزادي
4. ٿوڙي ڦاٽڪ جو سانحو
5. سنڌي قوم جو مقدمو
6. سنڌ جي سياسي صورتحال
7. سنڌ آزادي ۽ انقلاب
8. تاريخ جي لاٽ
9. قاضي فيض محمد
10. سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌين جو اتحاد
11. اڄ جي سنڌ
12. سڪي ڌرتي، ڏڪويل ماڻهو